هفتيوار سُنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

# سُنتن ڀريو بيان

شب معراج جنت ۾ رحمت الهي جا مشاهدا

(Sindhi)



اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# شبِ معراج جنّت ۾ رحمت الٰهي جا مشاهدا

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪيو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرود شريف جي فضيلت

نبين جي سالار،رسولن جي سردار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان آهي ”جيڪو مون تي سو ڀيرا درودِ پاڪ پڙهندو الله عَزَّوَجَلَّ ان جون 100 حاجتون پوريون فرمائيندو. انهن مان 30 دنيا جون ۽ 70 آخرت جون. (کنز العمال،کتاب الاذکار،باب فی الصلاۃ علیه، جزء:۱،۱/ ۲۵۵، حدیث: ۲۲۲۹)

تمہارا نام مصیبت میں جب لیا ہوگا

ہمارا بگڑا ہوا کام بن گیا ہوگا

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻه مدني گل:** (1) بغير سٺي نيت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو (2) جيتريون سنيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي سوڙهو يا سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! اُذْكُرُوالله تُوبُوا اِلَى الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ڪرڻ جون نيّتون

مان به نيت ڪيان ٿو ❁ الله جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14

---

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)



www.dawateislami.net

سورة النحل آيت نمبر 125: اُدۡعُ اِلٰى سَبِيۡلِ رَبِّكَ بِالۡحِكۡمَةِ وَ الۡمَوۡعِظَةِ الۡحَسَنَةِ ”ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجهه ۽ چڱي نصيحت سان“ ۽ بخاري شريف (حديث: 4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوۡا عَنِّيۡ وَلَوۡ آيَةً[1] يعني ”منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي“ ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ۞ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ۞ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّهه رکندس يعني پنهنجي علم جو رُعب ويهارڻ مقصود ٿيو ته ڳالهائڻ کان بچندس ۞ مدني قافلي، مدني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ۞ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ۞ نظر جي حفاظت ٻڌائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب      صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي جامع المعجزات بڻائي موڪليو. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي بيشمار مُعۡجِزَا عطا فرمايا. اُنهن مُعۡجِزَن مان هڪ عَظِيۡمُ الشَّان مُعۡجِزَو ”معراج“ آهي. معراج جي رات سروَرِ ڪائنات صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي جنّت جي سير ڪرائي وئي ته پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن الله جي

---

[1] ...بخاری، كتاب احاديث الانبياء،باب ماذكر عن بنی اسرائيل،462/2،حديث:3461



www.dawateislami.net

گهٽين ئي نعمتن جو مشاهدو فرمايو. اڄ اسان انعاماتِ الٰهي جي باري ۾ ٻُڌي ڪري انعامات تائين وڃڻ جي وارن عملن جي نيّت به ڪندا سين. جيئن ته ،

## ٽي (3) نهرون

معراج جي رات تاجدارِ رِسالت، شهنشاهِ نُبوّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جنّت جي دروازي جي ويجهو ڪرسي تي ويٺل هڪ شخص کي ڏٺائون، جنهن جي وارن ۾ ڪَنگهي ڪيل هئي ۽ اُن جي ويجهو ڪجهه سفيد چهرن وارا ۽ ڪجهه سياهه (ڪارن) چهرن وارا ماڻهو هئا، پوءِ اُهي ماڻهو جنهن جي رنگت ڪاري هئي، هڪ نهر وٽ آيا ۽ اُن مان غسل ڪيائون ته انهن جو رنگ صاف ٿي ويو، اُن کان پوءِ اُهي وري هڪ ٻي نهر تي آيا ۽ اُن مان غسل ڪيائون ته اُنهن جو رنگ مزيد صاف ٿي ويو، اُن کان پوءِ انهن ٽين نهر مان غسل ڪيو ته اُهي بُلڪل سفيد ٿي ويا. آخرڪار اُهي پنهنجي انهن ساٿين سان گڏ ويهي رهيا. رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پڇيو: اي جبريل! هي ڪير ماڻهو آهن؟ جن جا چهرا سفيد آهن ۽ اُهي ڪير هئا جن جي رنگت ۾ ڪجهه خرابي هئي، پوءِ اُهي نهر مان غسل ڪري نڪتا ته انهن جا رنگ صاف ٿي ويا؟ عرض ڪيو ويو: يَا رَسُوْلَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي (جنّت جي دروازي جي ويجهو ڪرسي تي ويٺل) شخص توهان جا والدِ حضرتِ ابراهيم عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام آهن، هي زمين تي پهريان شخص آهن جن ڪنگهي (يعني وارن ڪي ڦٽي ڏني هئي) ۽ هي سفيد چهري وارا اُهي شخص آهن جن پنهنجي ايمان ۾ ڪنهن ناحق جي آميزش (ملاوٽ)



www.dawateislami.net

نہ ڪئي ۽ اُهي جن جي رنگت ۾ خرابي هئي. هي اُهي شخص هئا، جن چڱن عملن سان گڏوگڏ ڪجھ بُرا عمل بہ ڪيا هئا، پوءِ الله عَزَّوَجلَّ کان توبھ ڪئي، تہ الله عَزَّوَجلَّ انهن جي توبھ قبول ڪئي ۽ (جن نهرن ۾ انهن غسل ڪيو ان مان) پهرين نهر، الله عَزَّوَجلَّ جي رحمت، ۽ ٻي الله عَزَّوَجلَّ جي نعمت جي نهر هئي ۽ ٽين اُها نهر جتي الله عَزَّوَجلَّ انهن کي شرابِ طهور پياريو آهي. (دلائل النبوة، باب الدليل علي ان النبي عرج به ، ۴۰۱/۲)

بچا جو تلوؤں کا ان کے دھووَن بنا وہ جنت کا رنگ و روغن
جنھوں نے دولھا کی پائی اُترن وہ پھول گلزارِ نور کے تھے
وہ بُرجِ بطحا کا ماہ پارا بِہشت کی سیر کو سدھارا
چمک پہ تھا خلد کا ستارہ کہ ان قمر کے قدم گئے تھے

(حدائقِ بخشش، ص ۲۳۷-۲۳۱)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب     صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## سچي توبھ تمام وڏي نعمت آهي

منا منا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان تہ اُهي ماڻهو جن جي رنگت سياھ (ڪاري) ٿي چُڪي هئي، رحمتِ الٰهي جي نهر ۾ غوطو (ٽٻي) لڳائڻ جي سبب انهن جي ڪاراڻ ڌوپجي وئي، پوءِ نعمتِ الٰهي جي نهر ۾ غوطو هنيو تہ انهن جو رنگ مزيد نِکرجي ويو ۽ جڏهن شَرَابِ طَهُور جي نهر مان پيتو تہ انهن جا چهرا بلڪل صاف ٿي ويا. ياد رهي تہ انهن کي گناهن جي ڪاراڻ کان نجات اِن سبب کان ملي جو انهن (دنيا ۾) ربّ عَزَّوَجلَّ جي بارگاھ ۾ توبھ ڪئي هئي تہ الله عَزَّوَجلَّ انهن جي توبھ کي قبول فرمايو ۽ انهن جا چهرا روشن ڪري ڇڏيا. واقعي سچي توبھ



www.dawateislami.net

نہ صرف انسان جي گناهن جي ڪاراڻ ڪي ڌوئي ڇڏيندي آهي، بلڪ ٻانهي کي فلاح ۽ ڪاميابي تائين پهچائي ڇڏيندي آهي، الله رَبُّ الْعٰلَمِيْن قرآنِ مجيد ۾ سيپاري 18، سُوْرَةُ النُّور،آيت نمبر 31 ۾ ارشاد فرمايو آهي:

وَتُوْبُوْٓا اِلَى اللّٰهِ جَمِيْعًا اَيُّهَ الْمُؤْمِنُوْنَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿۳۱﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ الله جي طرف توبه ڪريو، اي مسلمانو! سموري جا سمورا هن اُميد تي تہ توهان ڇوٽڪارو لهو.

منا منا سلامي ڀائرو! ربّ ڪريم عَزَّوَجَلَّ جي رحمت ڏاڍي وسيع آهي جو گناهگار کي هر وقت پنهنجي ڪرم جي ڇانو ۾ لڪائڻ لاءِ تيار آهي، ٻانهو ڪيترو ئي گناهگار ڇو نہ هجي ان کي توبه ڪرڻ ۾ دير نہ ڪرڻ گهرجي ۽ هرگز هرگز الله عَزَّوَجلّ جي رحمت کان مايوس نہ ٿيڻ گهرجي. پاڪ پروردگار عَزَّوَجلّ جي رحم ۽ ڪرم جي ڪا انتها نہ آهي، اُهو پنهنجي ٻانهي جا زمين ۽ آسمان جي برابر گناه بہ پنهنجي رحمت سان معاف فرمائيندو آهي.. جيئن تہ ارشاد فرمائيندو آهي:

وَ هُوَ الَّذِىْ يَقْبَلُ التَّوْبَةَ عَنْ عِبَادِهٖ وَ يَعْفُوْا عَنِ السَّيِّاٰتِ وَ يَعْلَمُ مَا تَفْعَلُوْنَ ﴿۲۵﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ اهو ئي آهي جيڪو پنهنجن ٻانهن جي توبه قبول فرمائي ٿو ۽ گناهن کان درگذر فرمائي ٿو ۽ ڄاڻي ٿو جو ڪجهہ توهان ڪيو ٿا.

منا منا اسلامي ڀائرو! ان آيتِ ڪريمہ مان معلوم ٿيو رحمتِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ ٻانهن تي هر وقت ڇماڇم وسي رهي آهي تنهنڪري ٻانهن کي



www.dawateislami.net

ڳهرجي تہ بشريت جي تقاضي سبب ڪو گناهہ ٿي وڃي تہ هڪدم نادم ٿي اُن جي بارگاهہ ۾ سچي توبهہ ڪري ڇڏين جو فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: اَلنَّدَمُ تَوْبَةٌ يعني شرمندگي توبهہ آهي. (المستدرک، حديث ٧٦٨٧،ج٥، ص٣٤٦) ۽ هيءَ حقيقت آهي جو ڪڏهن ڪڏهن گناهن تي نِدامت اهو ڪم ڪري ويندي آهي جيڪو وڏي ڪان وڏي عبادت بہ ناهي ڪندي، توبهہ ڪرڻ وارو گناهن مان مڪمل پاڪ ۽ صاف ٿي ويندو آهي جيئن تہ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "اَلتَّائِبُ مِنَ الذَّنْبِ كَمَنْ لَّا ذَنْبَ لَهٗ" يعني گناهہ کان توبهہ ڪرڻ وارو ايئن آهي جيئن ان گناهہ ڪيو ئي ناهي. (ابنِ ماجہ، حديث ٤٢٥٠، ج٤، ص ٤٩١) يقيناً اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تمام وسيع آهي جيڪڏهن ڪو شخص سچي توبهہ ڪري ڇڏي ۽ نيڪين جي راهہ تي هلڻ شروع ٿئي تہ گناهن مان اهڙو پاڪ ٿي ويندو جيئن ان گناهہ ڪيو ئي نہ هو ۽ نيڪ عمل ڪرڻ وارن خوش نصيبن جي لاءِ جنّت بہ انتظار ۾ رهندي آهي جيئن تہ

## جنت جو آواز

شَبِ مِعراج، صاحبِ معراج صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو گذر هڪ اهڙي واديءَ وٽان ٿيو، جتي ٿڌي، پاڪيزهہ ۽ خوشبودار هوا هلي رهي هئي ۽ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ آواز بہ ٻڌو. فرمايائون: اي جبريل! هي ٿڌي، پاڪيزه ۽ خوشبودار هوا ڇا آهي؟ ۽ هي آواز ڇا جو آهي؟ عرض ڪيو ويو: هي جنّت جو آواز آهي جيڪا چئي رهي آهي: اي منهنجا ربّ عَزَّوَجَلَّ مون ۾ رهڻ وارن ماڻهن کي مون ڏانهن موڪلي ڇڏ ۽ اُن جو جنهن جو تو مون سان وعدو ڪيو آهي، بيشڪ منهنجي اندر خوشگوار خوشبو، ريشم، ڪريب (ڪَ رَيِّ بِ) ۽ بخمل جا اعليٰ ڪپڙا



www.dawateislami.net

۽ بي مثال شيون، موتي، مرجان، سَون، چاندي ۽ جڳ نما لوٽا ۽ پڻ ميوا، ماکيءَ (پاڪيزه) شراب ۽ کير تمام وڏيڪ آهي. لهٰذا انهن کي منهنجي اندر موڪل جنهن جو تو مون سان وعدو ڪيو آهي.

الله عَزَّوَجلَّ ان کي فرمايو: هر مسلمان مؤمن مرد ۽ عورت ۽ جيڪو مون تي ۽ منهنجي رسولن تي ايمان آڻي، نيڪ عمل ڪري پڻ ڪنهن کي منهنجو شريڪ ۽ برابر نہ ڪري، اُهو تنهنجي لاءِ آهي ۽ جيڪو مون کان ڊڄي آئون ان کي امن ڏيندس، جيڪو مون کان سُوال ڪري آئون ان کي عطا ڪندس، جيڪو مون کي قرض ڏي (صدقاتِ واجبہ ۽ نافلہ ادا ڪري) آئون ان کي جزا ڏيندس، جيڪو مون تي توڪّل ڪري، آئون ان کي ڪفايت ڪندس ۽ مان الله آهيان، مون کان علاوه ڪوبہ معبود ناهي، مان واعدو خلافي نہ ڪندو آهيان، بيشڪ ايمان آڻڻ وارا ڪامياب ٿيا. (ان کان پوءِ الله عَزَّوَجلَّ پنهنجي پاڪ ڪلام مان سورهٔ مُؤْمِنُوْن ۾ ڪامياب مؤمنن جون خوبيون بيان فرمايون) تہ جنّت چيو: آئون راضي آهيان. (دلائل النبوة، باب الدليل علي ان النبي عرج به ، ٢/٣٩٩)

بزمِ ثنائے زُلْف میں میری عروسِ فِکْر کو
ساری بَہارِ ہَشْت خُلد چھوٹا سا عِطْر دان ہے
عرش پہ تازہ چھیڑ چھاڑ فرش میں طُرفہ دُھوم دَھام
کان جِدھر لگائیے تیری ہی داستان ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! توهان ٻڌو تہ جنّت پنهنجي اندر موجود ڪيتريون خوبصورت ۽ اعليٰ نعمتون ذِڪر ڪيون ۽ الله عَزَّوَجلَّ جي بارگاھ ۾ هي



www.dawateislami.net

بہ عرض ڪيو تہ ان نعمتن مان مزو ماڻيندڙ خوش نصيبن کي منهنجي اندر داخل فرماءِ، ان تي خالقِ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ جنت کي اُن ۾ رهندڙ يعني اهلِ ايمان مَردن ۽ عورتن جي باري ۾ ٻڌائڻ ڪان پوءِ ڪامياب مؤمنن جون خوبيون بہ بيان فرمايون، اچو تہ اُهي خوبيون ٻڌون ٿا. جيئن تہ

## فردوس جي وراثت حاصل ڪرڻ وارا

سيپاري 18 سورهٔ مُؤْمِنُوْن آيت نمبر 1 ڪان 11 ۾ جنت جي وراثت حاصل ڪرڻ وارن خوش نصيبن جي باري ۾ ارشادِ باري تعاليٰ آهي:

قَدْ اَفْلَحَ الْمُؤْمِنُوْنَ ۙ﴿۱﴾ الَّذِيْنَ هُمْ فِيْ صَلَاتِهِمْ خٰشِعُوْنَ ۙ﴿۲﴾ وَ الَّذِيْنَ هُمْ عَنِ اللَّغْوِ مُعْرِضُوْنَ ۙ﴿۳﴾ وَ الَّذِيْنَ هُمْ لِلزَّكٰوةِ فٰعِلُوْنَ ۙ﴿۴﴾ وَ الَّذِيْنَ هُمْ لِفُرُوْجِهِمْ حٰفِظُوْنَ ۙ﴿۵﴾ اِلَّا عَلٰۤى اَزْوَاجِهِمْ اَوْ مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُمْ فَاِنَّهُمْ غَيْرُ مَلُوْمِيْنَ ۚ﴿۶﴾ فَمَنِ ابْتَغٰى وَرَآءَ ذٰلِكَ فَاُولٰٓىٕكَ هُمُ الْعٰدُوْنَ ۚ﴿۷﴾ وَ الَّذِيْنَ هُمْ لِاَمٰنٰتِهِمْ وَ عَهْدِهِمْ رٰعُوْنَ ۙ﴿۸﴾ وَ الَّذِيْنَ هُمْ عَلٰى صَلَوٰتِهِمْ يُحَافِظُوْنَ ۘ﴿۹﴾ اُولٰٓىٕكَ هُمُ الْوٰرِثُوْنَ ۙ﴿۱۰﴾ الَّذِيْنَ يَرِثُوْنَ الْفِرْدَوْسَ ؕ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿۱۱﴾ (پ ۱۸، المؤمنون: ۱۔ ۱۱)

**ترجمو ڪنزالايمان:** بيشڪ مراد کي پهتا ايمان وارا. جيڪي پنهنجي نماز ۾ عاجزي ۽ زاري ڪن ٿا. ۽ اُهي جيڪي ڪنهن بيهوده ڳالھ جي طرف واجهائيندا نہ آهن. ۽ اُهي جيڪي زڪوٰت ادا ڪندڙ آهن. مگر پنهنجين زالن يا شرعي ٻانهين تي جيڪي انهن جي هٿ ملڪيت آهن (اِنهن سان) انهن تي ڪا ملامت نہ آهي. پوءِ جيڪو انهن ٻن ڪان سواءِ ڪجھ ٻيو گهري تہ اُهي حد ڪان لنگهندڙ آهن. ۽ اُهي پنهنجي امانتن ۽ پنهنجي عهد جي رعايت ڪندڙ آهن. ۽ جيڪو پنهنجي نمازن جي حفاظت ڪندا آهن. اُهي ئي ماڻهو وارث آهن. جيڪي فردوس جا وارث ٿيندا سي ان ۾ هميشہ رهندا.



www.dawateislami.net

منا منا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ خشوع ۽ خضوع سان نمازون پڙهڻ، مذاق مسخري ڪرڻ، بيهوده گفتگو، راند روند ۽ هر طرح جي فضول ڪمن کان بچڻ، شرم گاهن جي حفاظت ڪرڻ، حدود الله جي خلاف ورزيءَ کان بچڻ، الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي ٻانهن جي امانتن جي رعايت ڪرڻ ۽ انهن سان ڪيل واعدا پورا ڪرڻ، اهي سڀئي خوبيون جنّت الفردوس جو حقدار بڻائي سگهن ٿيون. اسان کي بہ اهڙيون خوبيون پنهنجي اندر پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي تہ جيئن اسان بہ جنّت الفردوس جا وارث بڻجي سگهون. ياد رهي تہ فردوس سڀ کان اعليٰ جنّت آهي ۽ ان جي سوال ڪرڻ جي حديثِ پاڪ ۾ ترغيب آئي آهي، حضرتِ مُعاذ بن جبل رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي، حضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جنّت ۾ سو (100) درجا آهن، ٻن (2) درجن جي وچ ۾ ايترو مفاصلو آهي جيتري آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ آهي. فردوس سڀ کان اعليٰ ۽ وچين جنّت آهي ۽ ان جي مٿان رحمٰن جو عرش آهي ۽ ان مان جنّت جون نهرون نڪرنديون آهن. جڏهن توهان الله تعاليٰ کان سوال ڪيو تہ جنّت الفردوس جو سوال ڪيو. (ترمذی، کتاب صفة الجنة، باب ماجاء فی صفة درجات الجنة، ۲۳۸/۴، الحديث: ۲۵۳۸) تنهنڪري هر مسلمانن کي گهرجي تہ هو جڏهن الله تعاليٰ کان سوال ڪيو تہ جنّت الفردوس جي ئي دعا گهري. جيڪڏهن الله تعاليٰ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان اِها دعا قبول فرمائي ڇڏي تہ آخرت ۾ ملڻ واري اها سڀ کان وڏي نعمت هوندي.“

(صراط الجنان، پ ١٨، المومنون: تحت الآيہ ١١، ۵۰۸/۶)

اي الله عَزَّوَجَلَّ! اسان کي فردوس جي وراثت حاصل ڪرڻ وارن ۽ ان جي عظيم الشان نعمتن مان لطف ماڻڻ وارن ۾ شامل فرما ۽



www.dawateislami.net

جهنّم ڏانهن وٺي وڃڻ وارن سڀني سببن کان اسان جي حفاظت فرما.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ياخُدا! ميری مغفرت فرما! باغِ فِردَوس مَرحَمَت فرما!
مُصطَفٰے کا وسيله تَوبه پر تُو عِنايت مُداوِمَت فرما!
مَوت ايماں پہ دے مدينے ميں اور مَحمود عاقبت فرما!

(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص۷۵)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي رحمت سان پنهنجي نيڪ ٻانهن کي جنّت ۾ جيڪي اعليٰ نعمتون عطا ڪيون آهن معراج جي رات سرورِ ڪائنات فخرِ موجودات صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اُهي تمام انعام ڏيکاري ڇڏيا، پيارا آقا صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا (معراج جي رات) منهنجو وڃڻ جنّت ۾ ٿيو، مون ڏٺو ته ان جا سنگريزا موتين جا ۽ ان جي مٽي مشڪ جي هئي. (صحيح البخاری، کتاب احاديث الانبياء، باب ذکر ادريس عليه السلام،۲/۴۱۷، الحديث:۳۳۴۲) پوءِ چار (4) نهرون ڏٺيون هڪ پاڻيءَ جي، جنهن جو پاڻي تبديل ناهي ٿيندو، ٻي کير جي جنهن جو ذائقو ناهي بدلجندو، ٽين شراب جي جنهن ۾ پيئڻ وارن لاءِ لذّت آهي (نشو بالڪل ناهي) ۽ چوٿين پاڪيزه ۽ صاف سُٿري ماکيءَ جي. جنّت جا ڏاڙهون جيڪي ڏسڻ ۾ ڍولن جي طرح ۽ پکي اُٺن وانگي هئا، ان ۾ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي نيڪ ٻانهن جي لاءِ اهڙا اهڙا انعام تيار ڪري رکيا آهن جنهن کي ڪنهن اک ناهي ڏٺو ۽ نه ئي ڪنهن ڪَنّ ٻڌو ۽ نه ئي ڪنهن انسان جي دل ۾ ان جون خيال گذريو.

(دلائل النبوة للبيهقی، جماع ابواب المبعث، باب الدليل...بالافق الاعلٰی، ۲/۳۹۴ملتقطاً)



www.dawateislami.net

## جنّت جو انوکو ميوو!

منا منا اسلامي ڀائرو! جنّت جي انهن نعمتن کان لطف ماڻڻ جو هڪ طريقو هي بہ آهي تہ اسان ڀين فرضن ۽ واجبن سان گڏوگڏ مالڪِ ڪوثر و جنّت محبوبِ ربّ العزّت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي ذاتِ طيبہ تي درودِ پاڪ پڙهڻ جي عادت ٺاهيو امير المؤمنين حضرتِ مولاءِ ڪائنات علي المرتضيٰ شيرِ خدا رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جنّت ۾ هڪ وڻ پيدا فرمائيندو آهي جنهن جو ميوو صوف کان وڏو ڏاڙهونء کان ننڍو مکڻ کان نرم ماکيءَ کان منو ۽ مُشڪ کان وڌيڪ خوشبودار آهي هن وڻ جون ٽاريون آلن موتين جون، پاڙ سون جي ۽ پن زبرجد جا آهن. حديث پاڪ لَا يَاْكُلُ مِنْهَا اِلَّا مَنْ اَكْثَرَ مِنَ الصَّلَاةِ عَلٰى مُحَمَّدٍ هن وڻ جو ميوو صرف اُهو ئي کائي سگهندو جيڪو محمد صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهندو (الحاوی للفتاوٰی للسیوطی، ۴۸/۲))

درود پاڪ اهڙي پياري عبادت آهي جيڪا محشر جي ڏينهن سخت گرميءَ جي عالم ۾ محبوبِ ربّ اڪبر شافع محشر صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم درود پاڪ جي ڪثرت ڪرڻ وارن خوشنصيبن کي حوض ڪوثر تي سُڃاڻي وٺندا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي حوضِ ڪوثر تي ڪجھ ماڻهو ايندا جن کي مان ڪثرتِ درود جي سبب سُڃاڻي وٺندس. (القول البدیع،الباب الثانی فی ثواب الصلاۃ ...الخ،ص ۲۶۴)

يا الٰہی جب پڑے محشر میں شورِ دارو گیر
اَمْن دینے والے پیارے پیشوا کا ساتھ ہو

يا الٰہی جب زبانیں باہر آئیں پیاس سے
صاحبِ کوثر شہِ جُود و عطا کا ساتھ ہو

يا الٰہی سرد مُہری پر ہو جب خورشیدِ حشر
سیّدِ بے سایہ کے ظِلّ لِوا کا ساتھ ہو

يا الٰہی گرمیِ محشر سے جب بھڑکیں بدن
دامنِ محبوب کی ٹھنڈی ہوا کا ساتھ ہو



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڪثرت سان درود پڙهڻ جي عادت ناهڻ گهرجي. ياد رهي! درودِ پاڪ ڏسڻ ۾ تہ مختصر عمل آهي تہ ٻانهو نهايت گهٽ وقت ۾ گهڻي تعداد ۾ درودِ پاڪ پڙهي سگهي ٿو پر هن ڪريم ربّ عَزَّوَجَلَّ جي شان بہ ڏسو تہ هو پنهنجي ٻانهن تي ڪيتري قدر مهربان آهي ان مختصر عمل تي ثواب جو گهڻو خزانو عطا فرمائي ڇڏيندو آهي. جيئن تہ

حضرتِ سيدنا ابو طلحہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ هڪ ڏينهن رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان حال ۾ تشريف کڻي آيا تہ خوشي جا آثار پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي چهري مان ظاهر هئا، ارشاد فرمايائون: جبرائيل مون وٽ حاضر ٿي عرض گذار ٿيو، اوهان جو رب عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو: ”اي محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڇا توهان ان ڳالھ تي راضي ناهيو تہ توهان جو امتي توهان تي هڪ ڀيري درودِ پاڪ موڪلي تہ مان ان تي 10 ڀيرا رحمت موڪليندس“ ۽ جڏهن اهو اوهان تي هڪ ڀيرو سلام موڪلي تہ مان ان تي 10 ڀيرا سلام موڪليندس. (مشكاة،كتاب الصلاة ، باب الصلاة على النبى وفضلها،١/١٨٩،حديث:٩٢٨)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪيتري قدر خوش نصيب آهي اهو ماڻهو جيڪو حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بارگاھ ۾ درودِ پاڪ پڙهي پاڻ کي الله عَزَّوَجَلَّ جي ڏهن (10) رحمتن جو حقدار بڻائيندو آهي اسان مان هر هڪ جي اها ئي تمنّا هوندي تہ مونکي الله عَزَّوَجَلَّ جي خاص رحمت حاصل ٿئي. جڏهن هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهڻ واري کي اها فضيلت حاصل ٿيندي آهي تہ ان تي الله تبارڪ و تعاليٰ جي سلامتي ۽ ڏهن (10) رحمتون نازل ٿينديون آهن تہ ان مؤمن ٻانهي جي خوش



www.dawateislami.net

نصيبي ۾ ان تي رحمتِ الٰهي جي ڪثرت جو اندازو ڪير لڳائي سگهي ٿو جيڪو روزانو پاڻ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڪثرت سان درودِ پاڪ پڙهندو هوندو .

بيکار گفتگو سے مری جان چھوٹ جائے
ہر وقت کاش! لب پہ درود و سلام ہو
یوں مجھ کو موت آئے تمہارے دیار میں
چوکھٹ پہ سر ہو لب پہ درود و سلام ہو
ہو جائیں ختم کاش! گناہوں کی عادتیں
ایسا کرم اے سیّدِ خیر الانام ہو
آقا! غم مدینہ میں رونا نصیب ہو
ذکرِ مدینہ لب پہ مرے صبح و شام ہو

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## جنت جي دروازي تي لکيل تحرير

منا منا اسلامي ڀائرو! اللّٰه جي رحمت تي قربان وڃو ته هو رحمٰن ۽ رحيم ربّ عَزَّوَجَلّ مختصر عملن تي به پنهنجي ٻانهن کي ائين نوازيندو آهي جو اسان سوچي به نٿا سگهون. معراج جي رات پياري آقا صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جنّت ۾ پنهنجي اُمّتين جي لاءِ رحمتِ الٰهيءَ جو مشاهدو ڪندي ان جو وڏيڪ تذڪرو فرمائن ٿا ته مون جنت جي دروازي تي هي لکيل ڏٺو ته **صَدَقي جو ثواب ڏهه (10) ڀيرا ۽ قرض جو ارڙهن (18) ڀيرا آهي**. مون جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام کان پڇيو: ڇا سبب آهي جو قرض جو دَرَجو صَدَقي کان وڏيڪ ٿي ويو آهي؟ انهن چيو تي سوالي وٽ مال هوندو آهي ۽ پوءِ به سوال ڪندو آهي جڏهن ته قرض وٺڻ وارو ضرورت جي سبب ئي قرض وٺندو آهي.

(سنن ابن ماجة، كتاب الصدقات، باب القرض، ص٣٨٩، الحديث:٢٤٣١)



www.dawateislami.net

## مقروض تي نرمي ڪرڻ سان بخشش ٿي وئي

مِنا مِنا اسلامي ڀائرو! مسلمان سان خير خواهي ڪرڻ، ان جي مصيبت ۽ پريشاني ۾ مدد ڪرڻ ۽ مقروض ڪان قرض وٺڻ ۾ نرمي ڪان ڪم وٺڻ ۽ وڌيڪ مهلت ڏيڻ به تمام سٺيون صفتون آهن. ڪڏهن ڪڏهن انهن ڪمن سان خوش ٿي الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي گنهگار ٻانهن کي بخشش ۽ مغفرت جو پروانو جاري ڪندو آهي جيئن ته

حضرتِ سَيِّدُنا ابُو هُريره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ ڪان روايت آهي ته رسولِ اَڪْرَم، شَهَنْشَاهِ بني آدم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: هڪ شخص ڪڏهن به ڪو نيڪ ڪم نه ڪيو هو، پر ها! اُهو ماڻهن کي قرض ڏيندو هو ۽ پنهنجن نوڪرن کي چوندو هو ته جڏهن مقروض (قرض وٺڻ وارو) خوشحال ٿي وڃي ته ان ڪان قرض وٺجو ۽ جيڪڏهن تنگدست هجي ته نه وٺجو (بلڪ درگذر ڪجو ۽ مزيد مهلت ڏجو). ”اي ڪاش! اسان جو ربّ عَزَّوَجَلَّ اسان ڪان به درگذر فرمائي.“ بهرحال جڏهن اُهو شخص دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو، ته الله عَزَّوَجَلَّ هن شخص ڪان پڇيو: ”ڇا تو ڪڏهن نيڪي به ڪئي؟“ هن شخص عرض ڪيو: نه، پر ها! آئون ماڻهن کي قرض ڏيندو هئس ۽ جڏهن پنهنجي خادم کي قرض جي وَصُولي جي لاءِ موڪليندو هئس ته ان کي چوندو هئس ته خوشحال ڪان ته وٺجو پر تنگدست ڪان نه وٺجو بلڪ درگذر ڪجو، ٿي سگهي ٿو ته (انهيءَ جي سبب) الله عَزَّوَجَلَّ اسان سان به درگذر فرمائي.“ ته الله عَزَّوَجَلَّارشاد فرمايو: ”(وڃ!) مون تو کي بخشي ڇڏيو.“

(مسند امام احمد،مسند ابي هريره، ۳/۲۸۵،حديث:۸۷۳۸)



www.dawateislami.net

گناہوں سے بھرپور نامہ ہے میرا　　مجھے بخش دے کر کر کرم یا الٰہی

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

سُبْحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ! الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تي قربان ٿيون ته جيڪو ٻانهو ان جي رحمت تي نظر رکي ۽ ان سان پنهنجو حسنِ ظن قائم ڪري ته الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت مان ان کي ڪڏهن به محرومي ناهي ٿيندي، حضور پُرنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ ارشاد آهي: الله عَزَّوَجَلَّ فرمائيندو آهي: اَنَاعِنْدَ ظَنِّ عَبْدِیْ بِیْ : يعني منهنجو ٻانهو مون ڪان جهڙو گمان رکي مان ان سان اهڙو ئي آهيان. (بخاري ،ج۴، ص۵۴۱، حديث: ۷۴۰۵)

الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تي نظر رکڻ ۽ ان کان بخشش ۽ مغفرت جي اميد رکڻ بابت هڪ بي زبردست حڪايت ٻڌو ۽ رحمتِ الٰهي تي خوب جهومو.

## ڪريم کان ڪرم جي اميد!

روايت آهي ته هڪ اعرابي بارگاهه رسالت ۾ عرض ڪيو: ”يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مخلوق جو حساب ڪير وٺندو؟“ ارشاد فرمايائون: ”الله تبارڪ و تعالٰي“. ان عرض ڪيو: ”ڇا اهو پاڻ وٺندو؟“ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”ها“. ان اعرابي مسڪرايو. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مسڪرائڻ جو سبب پڇيو. عرض ڪيو: : اِنَّ الْكَرِيْمَ اِذَا قَدَرَ عَفَا وَاِذَا حَاسَبَ سَامَحَ : ”ڪريم جڏهن ڪنهن تي قدرت رکندو آهي ته معاف ڪري ڇڏيندو آهي ۽ جڏهن حساب وٺندو آهي ته درگذر ڪندو آهي.“ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”اعرابي سچ چيو، ڇاڪاڻ ته الله عَزَّوَجَلَّ کان وڌو ڪريم ڪير



www.dawateislami.net

ناهي، اهو سيني ڪريمن کان وڌيڪ ڪريم آهي.“ (شعب الايمان، ج 1، ص 246، حديث 262، احياءُ العلوم الدين، ج. 4، ص. 184)

| | |
|---|---|
| لاج رکھ لے گنہگاروں کی | نام رحمٰن ہے ترا یارَبّ |
| عیب میرے نہ کھول محشر میں | نام ستار ہے ترا یارَبّ |
| بے سبب بخش دے نہ پوچھ عمل | نام غفار ہے ترا یارَبّ |

(ذوق نعت، ص۵۹)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ٻارنهن مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”مدني انعامات“

منا منا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان ٻه رحمتِ الٰهي جي طفيل جنت جي انهن ابدي نعمتن کان لطف اندوز ٿيڻ چاهيون ٿہ جن جو مشاهدو معراج جي رات پياري آقا محمدِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ ان جي لاءِ اسان اللّٰه عَزَّوَجَلّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمانبرداري ڪندي فرائض ۽ واجبات جي هر وقت ادائگي سان گڏوگڏ سنتن ۽ مستحبن جي عادت ٺاهڻي پوندي. ان جو بهترين حل شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جي عطا ڪيل مدني انعامات تي عمل ڪرڻ آهي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلّ! مدني انعامات گناهن جي مرض کان شفا ڏيارڻ ۽ نيڪ بنائڻ جو مدني نسخو آهي. امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة فرمائن ٿا: مون کي مدني انعامات سان پيار آهي. جيڪڏهن اسان ٻه اللّٰه عَزَّوَجَلّ جي رضا جي خاطر سچي دل سان مدني انعامات کي قبول ڪري ان تي عمل شروع ڪري ڇڏون تہ جيئندي ئي تمام جلد اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلّ ان جون برڪتون ڏسي وٺنداسين. مدني انعامات تي عمل ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم



www.dawateislami.net

آهي. مدني انعامات تي عمل چو تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رضا حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي تنهنڪري شيطان ڏاڍي سستي ڏياريندو، طرح طرح جا حيلا بهانا سمجهائيندو. جيڪڏهن مدني انعامات تي عمل ۾ پهريان دشواري محسوس ٿئي ۽ دل نہ لڳي تہ همت نہ هاريو، بلڪ وڌيڪ ڪوشش ڪريو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ دل بہ لڳي ويندو. مدني انعامات تي عمل جي برڪت سان اسان پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جو عظيم جذبو حاصل ڪري سگهنداسين. مدني انعامات جي برڪت سان اسان پاڻ خود احتسابي (فڪرِ مدينہ) ڪري پنهنجي اسلاف جي ياد تازه ڪري سگهون ٿا. جيئن تہ

حضرت سيدنا فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ پاڻ کي درو هڻي پڇندا هئا تہ ٻڌا تو اڄ ڪهڙو عمل ڪيو؟ انهيءَ طرح ٻيا بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى بہ حسبِ حال پنهنجي عملن جو محاسبو ڪندي ۽ درجات جي بلندي جو اهتمام فرمائيندا هئا. اسان کي بہ مڪتبة المدينہ کان مدني انعامات جو رسالو هدية حاصل ڪري روزانو فڪرِ مدينہ ڪرڻ گهرجي ۽ هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ تي پنهنجي ذميدار کي رسالو جمع ڪرائڻ جو معمول بنائڻ گهرجي، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان حيرت انگيز طور تي مدني انقلاب برپا ٿي سگهندو. اچو!مدني انعامات تي عمل جي ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا.

## بد نگاهيءَ کان ڇوٽڪارو مليو

اوڪاڙه (پنجاب پاڪستان) جي مقيم اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ مان دعوت اسلامي جي مدني ماحُول سان وابستہ ٿيڻ کان پهريان گناهن جي ريگستان ۾ ڀٽڪي رهيو هئس. والدين جي نافرماني کان علاوه اهڙن گندن گناهن جو ارتڪاب ڪرڻ بہ منهنجو



www.dawateislami.net

معمول بڻجي چڪو هو جو هڪ غيرتمند مسلمان ڪي نہ ٿو جڳائي. بدنگاهي جي شروعاتي ۽ آسان ذريعن يعني فلمون، ڊراما ۽ گانا باجا ڏسڻ ۽ ٻڌڻ کي بيحد پسند ڪندو هئس. ڏينهن رات اهڙن گناهن ۾ گذري رهيا هئا تہ منهنجي رب عَزَّوَجلَّ جو ڪرم ٿيو ۽ مون کي ان خراب ماحول کان ڇوٽڪارو ڪجهہ هن طرح نصيب ٿيو تہ الله عَزَّوَجلَّ جي فضل و ڪرم سان مون کي دعوتِ اسلامي جي مشڪبار مدني ماحول جي سنتن ڀري فضا ملي. هڪ عاشقِ رسول جيڪو جيتوڻيڪ شيخ طريقت، امير اهلِسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو مريد تہ نہ ٿيو پر اهو دعوتِ اسلامي جي هن عظيم مدني مقصد ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ“ جي جذبي سان سرشار دعوتِ اسلامي جي مدني ماحُول سان وابستہ هيو. ان هڪ ڏينهن انفرادي ڪوشش ڪندي مون کي هڪ پراڻو ڪتاب جنهن جو نالو فيضانِ سنت هو. مطالعي لاءِ ڏنو، جڏهن ان کي پڙهيو تہ ڏاڍو سنو لڳو، اهڙي پرُتاثير تحرير پهرين ڀيرو پڙهي تہ ان منهنجي زندگي جو انداز ئي بدلي ڇڏيو ۽ مان پنهنجي گذريل گناهن کان مغفرت ۽ اصلاح جي جذبي تحت دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويس. مدرسة المدينہ بالغان ۾ درست مخارج سان قرآنِ پاڪ پڙهڻ شروع ڪري ڇڏيو ۽ مدني انعامات تي عمل کي پنهنجو معمول بڻائي ڇڏيو جنهن جي برڪت سان نہ صرف اکين جو قفلِ مدينہ جي دولت نصيب ٿي بلڪ بدنگاهي جي گناهن ڀري مرض کان جان ڇٽي وئي ۽ مان والدين جي بہ اطاعت ڪرڻ لڳس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## بلند بالا محل

منا منا اسلامي ڀائرو! اسان شبِ معراج آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جنتي مشاهدن جو تذڪرو ٻڌي رهيا آهيون. مروي آهي تہ معراج جي رات جنّت ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪجهه بلند بالا محلّ ملاحظ فرمايا، جن جي باري ۾ پڇڻ تي حضرتِ جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام جن عرض ڪيو تہ هي غصو پيئڻ وارن ۽ ماڻهن سان درگذر ڪرڻ وارن جي لاءِ آهن ۽ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ احسان ڪرڻ وارن کي پسند فرمائيندو آهي. (مسند الفردوس، باب الراء، ۲/۲۵۵، الحديث:۳۱۸۸)

منا منا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! الله عَزَّوَجَلَّ غصو پيئڻ واري کي جنت ۾ ڪهڙن ڪهڙن عاليشان محلن جي خوشخبري ٻڌائي آهي. غصو انساني فطرت ۾ شامل، هڪ غير اختياري صفت آهي ۽ اهوئي اڪثر فساد، ڀن ڀائرن ۾ جدائي، زال مڙس ۾ طلاق، پاڻ ۾ نفرت ۽ قتل و غارت گري جو سبب بڻجندو آهي. جو تہ جڏهن ان جي سامهون ان جي مزاج جي خلاف ڪا ڳالهه تي يا ڪڏهن ڪو اهڙو معاملو پيش آيو جيڪو طبيعت کي نہ وڻي تہ اهڙن موقعن تي عام طور تي غصو اچي ويندو آهي پر اسان کي اهڙن موقعن تي صبر کان ڪم وٺندي غصي تي ڪنٽرول ڪرڻ گهرجي جو تہ غصي جي وقت عفو و درگذر کان ڪم وٺڻ ۽ غصي کي روڪڻ متقي (پرهيزگار) ماڻهن جي صفت آهي. تفسيرِ نعيمي ۾ متقي ماڻهن جي اها صفت بيان ڪئي وئي آهي تہ اهي سخت غصي جي حالت ۾ آپي کان ٻاهر ناهن ٿيندا ۽ نفساني غصو پيءُ ڇڏيندا آهن ۽ قدرت جي باوجود غصو ناهن ڪندا ۽ پنهنجي ماتحتن جون خطائون ۽ ٻين جون ايذائون يا ڏوهارين جي ڏوهن کي بخشي ڇڏيندا آهن ۽ قدرت جي باوجود پنهنجي نفس جو بدلو ناهن



www.dawateislami.net

ونندا اللّٰه تعالي اهڙن نيڪن کي جيڪي مخلوق جي لاءِ مضِر (يعني نقصان ڏيڻ وارا) نہ هجن پر مفيد هجن، ڏاڍو پسند فرمائيندو آهي. انهن تي ان احسان جي بدلي احسان فرمائيندو ۽ انهن کي انعام ڏيندو. اهي ماڻهو پنهنجي حيثيت جي مطابق نيڪيون ڪن تہ رب تعالٰي پنهنجي شان مطابق انهن کي انعام سان نوازيندو. (تفسيرِ نعيمی ،جلد۴،صفحه ۱۸۷)

ياد رکو! ڪنهن کان غلطي ٿيڻ کان پوءِ بدلي جي قوت رکڻ جي باوجود ان کي معاف ڪرڻ اهڙي بهترين عادت آهي تہ جيڪڏهن اسان ان کي اپنايون تہ اسان جو معاشرو امن ۽ سکون وارو بڻجي سگهي ٿو ۽ اهڙي طرح فتني فساد جا ناپاڪ جراثيم ازخود ختم ٿي ويندا. اچو! غصي پيئڻ جي فضيلت تي 3 فرمان مصطفٰي ﷺ ٻڌون ٿا.

1. جنهن کي غصو آيو پوءِ بردبار (برداشت ڪرڻ وارو) ٿي ويو، تہ اهو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي محبت جو حقدار ٿي ويو. (الكامل في الضعفاء الرجال،مطرف اليساري ابو مصعب ، ج۸،ص۱۱۲)(جہنم میں لے جانے والے اعمال ج ۱ ،ص ۲۲۴)

2. جيڪو بدلو وٺڻ تي قادر هجڻ جي باوجود، غصو پيءُ ڇڏي تہ اللّٰه ان کي ماڻهن جي سامهون گهرائيندو تہ جيئن ان کي اختيار ڏيئي تہ جنت جي حورن ۾ جنهن کي چاهي پسند ڪري. (ابن ماجه، كتاب الزهد، باب الحلم ،رقم ۴۱۸۶ ،ج۴، ص ۴۶۲ بتغير قليل)(جنت میں لے جانے والے اعمال ج ۱ ،ص،۵۵۸)

3. توهان مان سڀ کان گهڻو بهادر اهو آهي جيڪو غصي جي وقت پاڻ تي قابو ۾ آڻي ۽ سڀ کان گهڻو بُردبار اهو آهي جيڪو طاقت جي باوجود معاف ڪري ڇڏي. (كنزالعمال،كتاب الاخلاق، الحديث: ۷۶۹۴،ج۳،ص۲۰۷)

حُسنِ اَخْلَاق اور نرمی دو     دُور هو خُوئے اِشتِعاَل آقا



www.dawateislami.net

## موتين سان تيار ڪيل گنبد جهڙا خيما

معراج جي رات پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن رحمتِ اِلٰهي جي مشاهدن مان هي به ڏٺائون ته جنّت ۾ موتين سان تيار ڪيل گنبد جهڙا خيما ملاحظ فرمايا، جنهن جي متي مُشڪ جي هئي. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرتِ جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام کان پڇيائون: لِمَنْ هٰذا يَا جِبْرِيْل يعني اي جبريل! هي ڪنهن لاءِ آهن؟ عرض ڪيو: اي مُحَمَّد صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هي توهان جي اُمّت جي آئمه (يعني مسجد جي امام) ۽ مؤذِّنن جي لاءِ آهن. (المسند للشاشی، مسند عبادة بن الصامت، ۳۲۱/۳، الحديث :۱٤۲۸)

## نور ۾ لڪيل ماڻهو

سَفرِ معراج جي حسين رات پياري پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو گُذر هڪ اهڙي شخص وٽان ٿيو جيڪو عرش جي نُور ۾ لڪيل هو. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي ڪير آهي، ڇا ڪو ملائڪ آهي؟ عرض ڪيو ويو: نه. فرمايائون: ڪو نبي آهي؟ چيو ويو: نه. پڇيائون: پوءِ هي ڪير آهي؟ ٻڌايو ويو: هي اُهو شخص آهي جنهن جي زبان دنيا ۾ ذڪرِ الٰهي سان تَر رهندي هئي، ان جو دل مسجدن سان لڳل رهندو هو ۽ هي ڪڏهن به پنهنجي والدين کي بُرو چوڻ ۽ اُن جي بي عزتي ڪرڻ جو سبب نه بڻيو. (موسوعة الامام ابن ابی الدنيا، کتاب الاوليا، ٤۱٥/۲، الحديث: ۹٥)

آسمانوں پر گئے اور خُلد کی بھی سَیر کی
شاہ کا یہ مرتبہ، اہلاً وّسہلاً مرحبا



www.dawateislami.net

سُبۡحٰنَ اللّٰـه عَزَّوَجَلَّ، سُبۡحٰنَ اللّٰـه عَزَّوَجَلَّ! ان روايت مان معلوم ٿيو ته ذڪرِ الٰهي جي ڪثرت، مسجدن سان محبت ۽ والدَين جي لاءِ بُرائي جو سبب بڻجڻ کان بچڻ، اِهي ٽئي عملَ الله رَبُّ الْعِزّت عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ گهڻا ئي محبوب آهن. اسان کي به هي سڀ ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي خاص ڪري الله عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر ڪندي رهڻ پنهنجي عادت بنائڻ گهرجي، ڇو ته اهوئي اسان جي زندگي جو مقصد به آهي ۽ آخرت جون ڪاميابون حاصل ڪرڻ جو سبب به، حضرت سيدنا عيسٰي بن مرحوم عطار رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ ٻانهي مون کي حضرت سيدتنا رابعہ عدويہ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡهَا جي عبادت ۽ رياضت جي باري ۾ ٻڌايو ته پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡهَا سڄي رات عبادت ۽ رياضت ۾ مشغول رهندي هئي ۽ پنهنجي زبان سان هميشہ ذڪرِ خدا ڪندي رهندي هئي، پاڻ پنهنجي سڄي زندگي هن طرح گذاري. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡهَا جي وفات جي تقريبًا هڪ سال کان پوءِ مون انهن کي خواب ۾ ڏٺو ته پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡهَا جنت جي اعلٰي درجن ۾ آهن ۽ پاڻ سبز ريشم جو بهترين لباس بدن تي پاتل هو ۽ سبز ريشم جورئو پاتل هو، خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! مون ڪڏهن به اهڙو خوبصورت لباس ناهي ڏٺو جيڪو انهن کي پاتل هو. پوءِ مان پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡهَا کان پڇيو: ”اي رابعہ! اوهان جي انهيءَ جُبي جو ڇا ٿيو جنهن ۾ اسان اوهان کي ڪفن ڏنو هو.“ ته پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡهَا فرمايو: ”الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! اهو لباس مون کان ورتو ويو ۽ ان جي جڳهه تي هي بهترين لباس مون کي عطا ڪيو ويو آهي جنهن کي اوهان ڏسي رهيا آهيو ۽ منهنجي ان جبي کي ويڙهي ان تي مهر لڳائي



www.dawateislami.net

چڏي ۽ ان کي مقامِ علّيّين ۾ رکيو ويو آهي ته جيئن قيامت جي ڏينهن ان جي بدلي مون کي ثواب عطا ڪيو وڃي. ”مون پڇيو:“ اوهان کي بيون ڇا ڇا نعمتون عطا ڪيون ويون؟ پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہَا فرمائڻ لڳيون: ”الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي نيڪ ٻانهن جي لاءِ جيڪي نعمتون تيار ڪري رکيون آهن، اهي بيان ڪان ٻاهر آهن. توهان ته هن نعمتن جي هڪ جهلڪ ئي ڏٺي آهي، ان ڪان علاوه خبر ناهي ڪهڙيون ڪهڙيون نعمتون ان پنهنجي اولياءِ جي لاءِ تيار ڪري رکيون آهن.“ پوءِ مون عرض ڪيو: مون کي ڪو اهڙي عمل جي بابت ٻڌائي ڇڏيو جنهن جي ذريعي مون کي الله جو قرب ۽ ان جي رضا نصيب ٿئي. ته پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہَا فرمايو: ”ڪثرت سان ذڪر الله ڪر، هر وقت پاڻ تي ذڪر الله لازم ڪري ڇڏ. جيڪڏهن ايئن ڪندين ته اميد آهي اوهان کي اهڙين نعمتن سان نوازيو ويندو جو توهان قابلِ رشڪ ٻڻجي ويندو.“ (عيون الحكايات، ج. 1، ص. 168)

گدا بھی مُنتظر ہے خُلد میں نیکوں کی دعوت کا
خُدا دن خَیْر سے لائے سَخی کے گھر ضِیافَت کا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## وڏو ڌوڪو

منا منا اسلامي ڀائرو! ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت بيحد ۽ بي حساب آهي. ان ڪان پنهنجي مغفرت ۽ بخشش جي اميد رکڻ گهرجي پر هي به ياد رکو ته جيڪڏهن ايمان جي بنيادي تقاضن کي پورو نه ڪيو وڃي، فرائض ۽ واجبات کي ترڪ ڪيو وڃي، پنهنجي دل کي برن خيالن ۾ مصروف رکيو وڃي، دنياوي لذتن



www.dawateislami.net

جي طلب ۾ لڳو رهڻ پوءِ اهڙي ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تي نظرون ڄمائي مغفرت جو انتظار ۾ رهڻ تہ يقينًا سراسر ناداني ۽ بي وقوفي ئي آهي. نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اَلْاَحْمَقُ مَنْ اَتْبَعَ نَفْسَهٗ هَوَاهَا وَ تَمَنّٰى عَلَى اللهِ الْجَنَّةَ، بيوقوف اُهو آهي جيڪو پنهنجي نفس کي خواهشن جي پٺيان هلائي تو ۽ (ان باوجود) الله تعاليٰ کان اميد رکي. (سنن الترمذي، الحديث 2467 ج 4 ص 207، 208) حضرت سَيِّدُنا يَحْيٰ بن مُعاذ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: منهنجي نزديڪ سڀ کان وڏو ڌوڪو هي آهي جو معافي جي اميد ڪندي بنا شرمسار ٿيڻ جي، ماٺهو گناهن ۾ مشغول رهي، عبادت کان سواءِ الله تعاليٰ جي قرب جي اميد رکي، جهنّم جو ٻج ڇٽي جنّت جي فصل جي انتظار ۾ رهي، ۽ گناهن ڪرڻ باوجود عبادت گذار ٻانهن جي گهر (جنّت) جو طالب رهي، عمل کان بغير ثواب جو انتظار ڪري ۽ ظلم ۽ زيادتي جي باوجود الله تعاليٰ کان نجات جي تمنا ڪري پوءِ اوهان اهي شعر پڙهيا جنهن جو ترجمو هي آهي: توهان نجات جي اميد تہ رکو ٿا پر ان جي رستن تي نٿا هلو يقيناً ٻيڙي خشڪي تي ناهي هلندي. (احياءُ العلوم ج 4 ص 176)

کام زِنداں کے کیے اور ہمیں
شوقِ گلزار ہے کیا ہونا ہے

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن خوش فهمي ۾ مبتلا ٿيڻ جو نقصان هي ٿيندو آهي تہ

1. انسان گناهن تي دلير ٿيندو ويندو آهي، هر گناهہ جي ارتڪاب کان پوءِ شيطان جي طرف کان انهيءَ طرح هلاڪ ٿيڻ وارين ڳالهين



www.dawateislami.net

ڪي قبول ڪرڻ جي عادت، گذريل گناهن تي ندامت کان بي پرواهه ۽ آئينده جي لاءِ دلير و جرات مند بڻائي ڇڏيندي آهي.

2. نصيحت بري محسوس ٿيندي آهي ۽ معاذ الله عَزَّوَجَلَّ ڪڏهن ڪڏهن تہ عذاب بابت بيان ٿيل آيتن ۽حديثن کان بيزاريت جو اظهار بہ ڪري ڇڏيندو آهي.

3. پوءِ جو تہ اهڙن ماڻهن کي پنهنجي هنن خيالن جي باري ۾ ماڻهن جي طرف کان مذمت جو خوف رهندو آهي، ان ڪري ان خوف کان دوري جي لاءِ پنهنجي نفس جي مشوري جو تابع ٿي بين کي بہ دليلن سان قائل ڪيو ويندو آهي تہ جيئن هن طرف کان بہ امن حاصل ٿي وڃي، هاڻي جيڪڏهن سامهون وارو ان جا دليل قبول ڪري تہ ان کي وڏي ڪاميابي قرار ڏني ويندي آهي. پر ان کي ايترو شعور ناهي تہ هن طرح بين مسلمانن کي بہ انهيءَ رستي تي هلائڻ ۾ شيطان جي لاءِ ڪيتري قدر آساني جو سامان آهي. تنهنڪري الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تي اميد رکڻ سان گڏوگڏ نيڪين ۾ دل لڳائڻ ۽ پاڻ کي گناهن کان بچائڻ جي ڪوشش بہ ڪريو، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! في زمانہ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول گناهن کان بچائڻ، نيڪين ۾ دل لڳائڻ، رحمتِ الٰهي تي اميد رکڻ ۽ عذابِ الهي کان ڊيڄارڻ جو بهترين ذريعو آهي لهٰذا اسان بہ موقع غنيمت ڄاڻيندي ان مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهڻ گهرجي.

## ”شعبہ تعليم“ جو تعارُف

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! تبليغِ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي سنتن جي خدمت جي لاءِ اٽڪل 102 شعبن ۾ مدني



www.dawateislami.net

ڪم ڪري رهي آهي. هنن شعبن مان هڪ ”شعبہ تعليم“ بہ آهي. جيئن تہ شاگرد ملڪ ۽ قوم جو قيمتي سرمايو هوندا آهن ۽ مستقبل ۾ قوم جي پيچ ڊڪ بہ اهو ئي سنڀاليندا آهن انهيءَ لاءِ جيڪڏهن انهن جي شريعت مطابق تربيت ڪئي وڃي تہ سڄو معاشرو خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفٰي جو گهوارو بڻجي سگهي ٿو. تنهنڪري سيني گورنمنٽ ۽ پرائيويٽ اسڪولن، ڪاليجن، يونيورسٽين وغيره سان وابستہ ماڻهن ۾ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي پيغام کي عام ڪرڻ جي لاءِ مجلس شعبہ تعليم کي قيام ۾ آندو ويو. جنهن جو بنيادي مقصد تعليمي ادارن سان وابستہ ماڻهن کي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ڪندي هن مدني مقصد ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ “ جي مطابق زندگي گذارڻ جو مدني ذهن ڏيندو آهي.

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں

اے دعوتِ اسلامی تری دھوم مچی ہو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو

مِنا مِنا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان پياري آقا صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شبِ معراج تي رحمتِ الٰهي جي جنتي مشاهدن جي بابت ٻڌيو، جنهن مان اسان کي معلوم ٿيو:

- جنت ۾ الله عَزَّوَجَلَّ 3 نهرون ناهيون آهن جنهن مان هڪ ان جي رحمت ٻئي نعمت ۽ ٽئين نهر پاڪيزه شراب جي آهي، انهن نهرين مان الله عَزَّوَجَلَّ جنتين کي سيراب فرمائيندو.



www.dawateislami.net

- گناهن کان سچي توبهه ڪرڻ وارن تي رحمت الٰهي جو ڪهڙو ڪرم ٿيو ته رحمتِ الٰهي جي نهر ۾ غوطو لڳائڻ سان انهن جي چهرن جي سياهي ڏوپجي وئي پوءِ جڏهن نعمتِ الٰهي جي نهر ۾ غوطو هنيو ته انهن جي رنگت مزيد نکرجي پئي ۽ جڏهن پاڪ شراب جي نهر مان پيتو ته انهن جي چهرا بلڪل سفيد ٿي ويا. ياد رهي ته انهن کي گناهن جي سياهي کان نجات ان سبب ملي جو اهي (دنيا ۾) رب عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ پنهنجي گناهن کان سچي توبهه ڪئي هئي ته الله عَزَّوَجَلَّ انهن جي توبهه کي قبول فرمائي انهن جي چهرن کي روشن فرمائي ڇڏيو.
- جنت ۾ 100 درجا آهن فردوس سڀ کان اعلٰي جنت آهي، حديث شريف ۾ جنت الفردوس جي سوال جي ترغيب آئي آهي.
- جنت ۾ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي نيڪ ٻانهن جي لاءِ اهڙا اهڙا انعام تيار ڪري رکيا آهن جنهن کي نه ڪنهن اک ڏٺو ئي نه ڪنهن ڪن ٻڌو ۽ نه ئي ڪنهن جي دل ۾ ان جو خيال گذريو.
- بيان جي دوران اسان جنت جا وارث ٿيڻ وارن خوش نصيبن جو تذڪرو ٻڌو، الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي ٻه انهن خوش نصيبن ۾ شامل ٿيڻ جي توفيق عطا فرمائي.
- فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: حوضِ ڪوثر تي ڪجهه اهڙا ماڻهو ايندا. جنهن کي مان ڪثرتِ درود جي سبب سڃاڻي وٺندس. لهٰذا اسان کي درودِ پاڪ جي ڪثرت ڪرڻ گهرجي.



www.dawateislami.net

✦ جنت ۾ پياري آقا صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم موتين سان تيار ٿيل گنبد جهڙا خيما ڏٺا، جنهن جي مٽي مشڪ جي هئي جيڪي امتِ مصطفٰي جي امامن ۽ مؤذنن جي لاءِ آهن.

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي پنهنجي پياري آقا صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي ۽ طفيل اهي سڀ عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي جيڪي اسان کي جنت ۾ هميشه رهڻ وارن باغن ۾ پهچائڻ جي لاءِ مددگار ثابت ٿين. ۽ ان سڀني ڪمن کان بچڻ جي بہ توفيق عطا فرمائي جيڪي اسان کي جهنم جي اونداهي کڏ ۾ وڃڻ جو سبب بڻجن.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڳالهه ٻولهه جون سنتون ۽ آداب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.(1)

سينہ تری سنّت کا مدينہ بنے آقا
جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

---

[1]...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب و السنة،1/97،حديث:175



www.dawateislami.net

منا منا اسلامي ڀائرو! اچو! شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي رسالي ”101 مدني گل“ مان ڳالهه ٻولهه جي حوالي سان چند اهم مدني گل ٻڌون ٿا:

﴿1﴾ مسڪرائي ۽ خوش اخلاقيءَ سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ سنّت آهي ﴿2﴾ مسلمانن جي دلجوئي جي نيّت سان ننڍن سان شفقت وارو ۽ وڏن سان ادب وارو لهجو اختيار ڪيو. اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ثواب حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ ٻنهي وٽ توهان معزز رهندؤ ﴿3﴾ وڏي آواز سان ڳالهائڻ جيئن اڄڪلهه دوست پاڻ ۾ بي تڪلفي سان ڳالهائيندا آهن، اهو سنّت نہ آهي ﴿4﴾ ڪٿي هڪ ڏينهن جو ٻار هجي سنين سنين نيتن سان ان سان بہ اوهان توهان سان گفتگو ڪرڻ جي عادت بڻايو، اوهان جا اخلاق بہ اِنْ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ عمدا ٿيندا ۽ ٻار بہ آدب سکندو ﴿5﴾ ڳالهه ٻولهه ڪرڻ وقت پردي جي جاءِ تي هٿ لڳائڻ، آڱرين سان بدن تان مير لاهڻ، ٻين جي سامهون بار بار نڪ کي هٿ لڳائڻ، يا نڪ يا ڪن ۾ آڱر وجهڻ، ٿُڪ اڇلائڻ سٺي ڳالهه ناهي، ان سان ٻين کي ڪراهت محسوس ٿيندي آهي ﴿6﴾ جيستائين ٻيو ڳالهائي رهيو هجي تہ اطمينان سان ٻُڌو، ان جي ڳالهه ڪٽي پنهنجي ڳالهه شروع ڪرڻ سنّت ناهي ﴿7﴾ ڳالهه ٻولهه ڪندي ٻلڪ ڪنهن بہ حالت ۾ ٽهڪ نہ ڏيو چوتہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن بہ ٽهڪ نہ ڏنو ﴿8﴾ گهڻو ڳالهائڻ ۽ هر هر ٽهڪ ڏيڻ سان رعب ختم ٿي ويندو آهي ﴿9﴾ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: ”جڏهن توهان ڪنهن ٻانهي کي ڏسو تہ اُن کي دنيا کان بي رغبتي ۽ گهٽ ڳالهائڻ جي نعمت عطا ڪئي ويئي آهي تہ



www.dawateislami.net

اُن جي ويجهڙائي ۾ صحبت اختيار ڪريو ڇوته اُن کي حڪمت عطا ڪئي ويندي آهي.“ (سنن ابن ماجہ، ج 4 ص 422 الحديث 4101) ﴿10﴾ فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جيڪو چُپ رهيو، ان ڇوٽڪارو حاصل ڪيو.“ (سنن ترمذي ج 4 ص 225 حديث 2509) مِراٰة المَناجيح ۾ آهي: حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيِّدُنا امام محمّد بن محمّد غزالي عَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ الوَالی فرمائن ٿا ته گفتگو جا چار قسم آهن:

(1) خالص مُضر (يعني مڪمل طور تي نقصان ڏيندڙ) (2) خالص مفيد (يعني فائديمند) (3) مُضر به مفيد به (4) نه مُضر نه مفيد.

خالص مُضِر (يعني مڪمل نقصان ڏيندڙ) کان هميشه بچڻ ضروري آهي. خالص مفيد ڳالهه ضرور ڪريو، جيڪو ڪلام مُضر به هجي ۽ مفيد به اُن جي ڳالهائڻ ۾ احتياط ڪري بهتر اهو آهي ته نه ڳالهائي ۽ چوٿين قسم جي ڪلام ۾ وقت ضايع ڪرڻ آهي. انهن ڪلامن ۾ امتياز ڪرڻ ڏکيو آهي تنهنڪري خاموشي بهتر آهي. (مراٰة المناجيح ج 6 ص 464) ﴿11﴾ ڪنهن سان ڳالهه ٻولهه ڪجي ته ان جو ڪو صحيح مقصد به هئڻ گهرجي ۽ هميشه مخاطب جي ظرف ۽ ان جي نفسيات جي مطابق ڳالهه ڪئي وڃي ﴿12﴾ بدزباني ۽ بي حيائي جي ڳالهين کان هر وقت پرهيز ڪريو، گارگند کان بچندا رهو ۽ ياد رکو ته ڪنهن مسلمان کي بنا اجازتِ شرعي گار ڏيڻ حرامِ قطعي آهي. (فتاوي رضويه، ج 21 ص 127) ۽ بي حيائي جي ڳالهه ڪرڻ واري تي جنّت حرام آهي. تاجدار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: ”اُن شخص تي جنت حرام آهي جيڪو فُحش گوئي (بي حيائي جي ڳالهه) کان ڪم وٺي ٿو.“
(ڪتاب الصمت مع موسوعه الامام ابن ابي الدنيا ج 7 ص 204، رقم 325)



www.dawateislami.net

هزارين سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينہ جا شايع ٿيل ٻہ ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنّتيں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنّتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سفر آهي.

لوٹنے رحمتیں قافِلے میں چلو　　سیکھنے سنتیں قافِلے میں چلو
ہے نبی کی نظر قافِلے والوں پر　　پاؤگے راحتیں قافِلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن. (1)

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا



www.dawateislami.net

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[1]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[2]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيْهِ رَحمَةُ اللّٰهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[3]

---

1 ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

2 ...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

3 ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149



www.dawateislami.net

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[1]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!          صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ

---

[1] …القول البديع، الباب الاول، ص125

[2] … الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١



www.dawateislami.net

صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ،
سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (رجب المرجب جي هر هفتيوار اجتماع ۾ هي دعا پڙهائي وڃي)

رجب ۾ هي دعا پڙهڻ سنت آهي! جڏهن رجب جو مهينو ايندو تہ نبي اڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هي دعا پڙهندا هئا:

اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِيْ رَجَبٍ وَّ شَعْبَانَ وَ بَلِّغْنَا رَمَضَانَ۔

يعني اي الله عَزَّوَجَلَّ! تو اسان جي لاءِ رجب ۽ شعبان ۾ برڪتون عطا فرما ۽ اسان کي رمضان تائين پهچا. (المعجم الاوسط للطبراني، ج 3، ص 85، حديث 3939)

---

[1]... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب في ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net